# شُهداءِ اُحد جون

# قربانيون

06-June-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# شُهداءِ اُحد جون قربانيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضورنبي رحمت، شفيعِ اُمَّت** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان آهي: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا- (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو-** (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ١٣١حديث: ٣٦٦ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.**

(2) جيترين سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز جو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي هن هفتيوار سُنّتن ڀري بيان جو موضوع آهي "شُهداءِ اُحد جون قُربانيون"- جنهن ۾ اسان شُهداءِ اُحُد جي دِين جي خاطر پيش ڪيل، قربانين جي باري ۾ ٻڌنديون سين- تنهنڪري دِلجمعي ۽ سٺين سٺين نيتن سان ابتداء کان آخر تائين بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو، دنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جا ڪيئي مَدَني گل حاصل ٿيندا- اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غزوهٴ اُحد ۾ ستر انصارن ۽ پنج مهاجر صحابين سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان شهادت جو جام پيتو، هن مختصر بيان ۾ انهن سمورن شهيدن جو ذڪرِ خير ۽ دِين جي لاءِ انهن جي قربانين کي بيان ڪرڻ

يقيناً ناممڪن آهي، تنهنڪري انهن مان ڪجھ شُهداءِ ڪرام جي دِين جي خاطر قربانين جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿيون- شُهداءِ اُحد مان اللّٰہ پاڪ ۽ رسول اڪرم، شفيعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مَحَبَّت ڪرڻ واري، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ واري، جنگِ اُحُد ۾ شريڪ ٿيڻ واري، سڀ ڪان پهريَان حق جي دعوت ڏيڻ واري، پرهيزگارن جو سردار، نيڪين ۾ اڳرائي ڪرڻ واري، واعدو پورو ڪرڻ واري، تڪلف ۽ بناوٽ ڪان پاڪ، مخلص ۽ محبت ۽ خوف ۾ مغلوب رهڻ واري مشهور صحابي رسول حضرتِ سَيدُنا **مُصْعَبْ بن عُمَير** داري رَضِیَ اللهُ عَنْه جن جي پاڪيزه ذات بہ آهي، سندن جو تعلق امير گهراڻي سان هو، پاڻ نهايت شاهاڻي زندگي گذاريندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه بهترين ڪان بهترين عاليشان لباس پائيندا هئا،حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْه پنهنجي والدين جا نهايت پيارا ۽ دادلا هئا، پر جڏهن اسلام قبول ڪيائون، تہ سندن ڪي اسلام آڻڻ ڪان پوءِ پنهنجي گهر وارن جي طرفان گهڻيون تڪليفون ڏيون ويون، پر پوءِ بہ سندن جا حوصلا گهٽ نہ ٿيا بلڪ ويتر اسلام جي محبت سندن جي دل ۾ وڌندي وئي، جيئن

حضرت سَيدُنا مُصْعَبْ بن عُمَيررَضِیَ اللهُ عَنْه، نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دارِ اَرقم ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ اِسلام قبول ڪيائون پر گهر وارن ۽ قوم جي خوف سبب پنهنجو اِسلام لڪائي رکيائون- هڪ ڀيري ڪنهن سندس ڪي نماز پڙهندي ڏسي سندن جي گهر وارن ڪي خبر ڏني تہ گهروارن قيد ڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه جون آسائشون تڪليفن ۾ بدلي ڇڏيون، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه هڪ ڏينهن اتان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ حبشہ وڃي پهتا- لاڳيتو تڪليفون ۽ ايذيتون برداشت ڪرڻ جي ڪري سندن جي کل نانگ (Snake) جي سنهي کل جيان جسم ڪان جدا ٿيندي بہ ڏٺي وئي- (ماهنامه فيضان مدينه،جولائي٢٠١٧،ص١٩)

پریشانیوں میں زباں بند رکھنا کیئے جانا صبر اجر اس میں بڑا ہے
کوئی جھاڑ دے تب بھی نرمی برتنا کیئے جانا صبر اجر اس میں بڑا ہے
گو آفات و امراض ڈیرا جمائیں کیئے جانا صبر اجر اس میں بڑا ہے

(وسائل بخشش مرمم، ص۴۵۵)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** سُبْحٰنَ الله! **شهيدِ اُحُد حضرت سَيِدُنا مُصۡعَبۡ بن عُمَير** جو جوشِ ايماني مرحبا! باوجود هن جي جو اسلام آڻڻ جي ڪري هر پاسي کان خوف وڏي چڪو آهي، گهر ۾ ٻاهر وارا سيئي هرويرو دشمني تي لهي آيا آهن، نمازون پڙهڻ سبب ظلم ۾ ستم جو نشانو بنايو پيو وڃي پر قربان وڃجي! رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن سچي عاشق تي جنهن ايتري قدر تڪليفون ۾ مخالفتون برداشت ڪري گهر ڇڏي هجرت ڪرڻ ۾ ڪل جُدا ڪرائڻ تہ پسند ڪيو پر اسلام ۾ نماز جي ادائيگي کان هڪ اِنچ بہ پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نہ ٿيا- بيشڪ اهو سڀ الله ڪريم جو خاص فضل ۾ احسان ۾ رسولِ ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحبتِ جو فيض هو جو مشڪل گهڙي ۾ بہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي ارادي تي جبل جيان بيٺل رهيا-

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** غور ڪرڻ جي ڳالهہ آهي! اڄ ماڻهو دنيا جي خاطر تہ وڏي کان وڏي مصيبت ۾ آزمائش وڏي خوشي سان برداشت ڪندا آهن، دنيا ۾ دنيا جي مال خاطرڪنهن جي تنقيد جي پروا ناهن ڪندا پر شرعي احڪامن تي عمل ۾ مدني ڪم ڪرڻ ۾ سُنّتون اپنائڻ سبب جيڪڏهن مُعاشري وارا ماڻهو يا گهر وارا مخالفت ڪن، مذاق اڏائن، ٺٺول ڪن تہ انهن جي همت جواب ڏئي ويندي آهي، پوءِ هو جنهن بدبودار گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري آيا هئا، ٻيهر ان ڏانهن موٽي ويندا آهن، ۾ دنيا دارن جيان دنيا جي رنگينين ۾ گُم ٿي ويندا آهن-

## اسلام ڪنهن شيء جو نالو آهي؟

اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ **اسلام** قُرباني جو تقاضو ڪندو آهي،

**اسلام** استقامت جو تقاضو ڪندو آهي، **اسلام** مُعاشري جون تڪليفون برداشت ڪرڻ جو تقاضوڪندو آهي، **اسلام** آزمائشن تي ثابت رهڻ جو تقاضو ڪندو آهي، **اسلام** خاطر تڪليفون برداشت ڪرڻ، مخالفتون سهڻ ۽ قُربانيون پيش ڪرڻ انبياءِ ڪرام، صحابہَ ڪرام ۽ بزرگانِ دِين جو معمول رهيو آهي، جيڪڏهن اسلامي اَحڪام تي عمل مثال طور نماز پڙهڻ، شرعي پردو ڪرڻ ۽ سُنّتون اپنائڻ جي راهه ۾ پريشانيون ۽ آزمائشون اچن، گهڻين مخالفتن جو بازار گرم ٿي وڃي، گهڻو مذاق اُڏايو وڃي، طرح طرح سان دل ڏکائي وڃي، ڌمڪيون ڏنيون وڃن، ايستائين جو مارڪٽ ڪئي وڃي ته اهڙن موقعن تي دل ننڍي ڪري مَعَاذَاللہ فرض ۽ واجب، سُنّتن، مدني ماحول ۽ مدني ڪمن کان منهن موڙي ٻيهر انهيءَ گناهن ڀري زندگي جي دلدل ۾ موٽي وڃڻ هرگز عقلمندي ناهي بلڪ سراسر تباهي ۽ بربادي ۽ آزمائشن تي صبر نہ ڪرڻ سبب عظيمُ الشّان ثواب کان محرومي جو سبب آهي- اسان کي گهرجي تہ آزمائشن، پريشانين، آفتن، غمن تي صبر ڪري صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جي مصيبتن ۽ پريشانين کي ياد ڪريون ۽ صبر جي نتيجي ۾ ملڻ وارين خوش خبرين کي سامهون رکون- صبر ڪرڻ وارن جي باري ۾ سيپاري 4 سورة اٰل عمران جي آيت نمبر 146 ۾ ارشاد آهي:

| وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ | | **تَرجَمو ڪنز الايمان:** ۽ صبر وارا الله کي پيارا آهن. |
|---|---|---|

اهڙي طرح سيپاري 10 سُوْرَةُ الْاَنْفَال جي آيت نمبر 46 ۾ ارشاد آهي:

وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** ۽ صبر ڪيو بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي

(پ ۱۰،انفال : ۴۶)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** بيان ڪيل هنن آيت سڳورين مان پئي تہ صبر ڪرڻ وارا ربّ ڪريم جا محبوب ۽ پسنديده ٻڻجي ويندا آهن، صبر ڪرڻ وارن جي ربّ ڪريم مدد فرمائيندو آهي، تنهنڪري ڪڏهن بہ صبر جو دامن هٿان نہ ڇڏڻ گهرجي، صبر جي معنٰي آهي نفس کي ان شيءِ کان باز رکڻ،

جنهن سان رڪڻ جو عقل ۽ شريعت تقاضا ڪري رهي هجي- (المفردات للراغب، باب الصاد، ص٢٧٣)

اهي شيون جن کان عقل رُڪڻ جو تقاضو ڪري، جيئن اوچتو بجلي هلي وڃي ته شور ڪرڻ کان بچڻ، بيماري اچي ته شڪوو شڪايت کان بچڻ، گاڏي خراب يا پنڪچر ٿي پوي ته غم ۽ غُصّي کان بچڻ وغيره-

اهي شيون جن کان شريعت رُڪڻ جو تقاضو ڪري، جيئن ڪنهن جي دل ڏُکائڻ تي انتقامي ڪاروائي کان بچڻ، ڪا شيءِ چوري ٿي وڃي ته ٻين تي اِلزام لڳائڻ کان بچڻ، ڪاڏي ۾ لوڻ مرچ گهٽ يا وڌيڪ پئجي وڃي ته صبر ڪرڻ وغيره-

احاديثِ ڪريمه ۾ ٻه صبر ڪري اجر ۽ ثواب ڪمائڻ جي ڀرپور ترغيب موجود آهي، اچو! ترغيب جي لاءِ 3 حديث سڳوريون ٻڌو ۽ آزمائشن تي صبر ڪري آخرت جي ثواب جون حق دار بڻجو، جيئن

حضرتِ سَيدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! سڀ کان وڌيڪ مصيبتون ڪهڙن ماڻهن تي آيون؟ فرمايائون: نبي سڳورن (عَلَیهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام) انهن کان پوءِ جيڪي بهتر آهن، پوءِ انهن کان پوءِ جيڪي بهتر آهن، ٻانهي کي پنهنجي دينداري جي اعتبار سان مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن اهو دِين ۾ سخت هوندو آهي ته ان جي آزمائش ٻه سخت هوندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجي دِين ۾ ڪمزور هوندو آهي ته الله پاڪ ان جي دِينداري جي مطابق ان کي آزمائيندو آهي- ٻانهو مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو رهندو آهي ايستائين جو هن دنيا ئي ۾ ان جا سمورا گناهه بخشيا ويندا آهن-(ابن ماجه،ڪتاب الفتن،باب الصبر علي البلاء،۴ /۳۶۹، حديث: ۴۰۲۳)

نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: مؤمن ۽ مؤمنه کي پنهنجي جان، اولاد ۽ مال جي ذريعي آزمايو ويندو رهندو، ايستائين جو اهي الله پاڪ کان هن حال ۾ ملندا جو انهن جي ذمي ڪو گناهه نه هوندو-(ترمذي، ڪتاب الزهد ،باب ماجا ء في الصبر علي البلاء۱۷۹/۴،حديث:۲۴۰۷)

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن مسلمان کي ڪا بيماري، ٿڪاوٽ يا غم پهچندو آهي، اهو ان جي گناهه جو

**كفارو تي ويندو آهي**-(الترغيب و التر هيب،كتاب الجنائز،باب التر غيب في الصبر...الخ ،۱۴۴/۴،حديث:۲۹)

الله ڪريم اسان کي دُنيا ۽ آخرت ۾ عافيت نصيب فرمائي، آزمائشن تي صبر ڪرڻ جو حوصلو، اسلام تي استقامت ۽ عاشقان رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان مرڻ گهڙي تائين مضبوطي سان وابسته رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي-آمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!شهيدِ اُحد حضرت سَيِدُنا مُصۡعَبۡ بن عُمَير رَضِیَ اللهُ عَنْه اهي عظيم صحابي رسول آهن، جن جي ذات ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ جو مَدَني جذبو تمام گهڻو ڀريل هو- سندن رَضِیَ اللهُ عَنْه پنهنجي جان تري تي رکي به دينِ اسلام جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ پرچمِ اسلام کي بلند ڪرڻ جي لاءِ پري پري جا سفر اختيار ڪيائون- اَلْحَمْدُ لِلّٰه سندن ڪوششن سان ڪيئي غير مسلمن کي دولتِ ايمان نصيب ٿو ۽ اهي ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام سان وابسته ٿيا،

هڪ ڀيري ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شريعي احڪام سيکارڻ جي لاءِ حضرتِ سَيِدُنا مُصۡعَبۡ بن عُمَير رَضِیَ اللهُ عَنْه کي مديني شريف روانو ڪيائون، پاڻ اتي خوب اسلام جي احڪامن جي تبليغ فرمائي ۽ پوءِ تقريباً قبيله اَوس ۽ خَزرَج جي 500، هڪ روايت جي مطابق 300 ماڻهن جو قافلو وٺي حاضر ٿيا ۽ انهن سيني اسلام قبول ڪيو-

## سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو

حضرت سيِّدُنا مُصۡعَب بِن عُمَير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت سيِّدُنا اَسعَد بن زُراره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ راهِ خدا ۾ سفر تي روانا ٿيا ته قبيلي بني ظفر جي باغ ۾ "مَرَق" نالي کوهه تي ويهي رهيا، انهن ٻنهي وٽ بنو اسلم قبيلي جا ڪجهه ماڻهو گڏ ٿيا، انهن جا وڏا سردار سعد بن مُعاذ ۽ اُسَيد بن حُضَير به هئا جن اجان اسلام قبول نه ڪيو هو، حضرت سيِّدُنا سعد بن مُعاذ حضرت سيِّدُنا اَسعَد بن

زُراره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا ماسات هئا، سعد بن معاذ اُسَيد بن حُضَير کي موکليو تہ انهن بنهي مُبَلِّغن کي ڌڙڪا ڏئي روڪي ڇڏيو جو هي اسان جي ڪمزور ماڻهن کي (مَعَاذَاللّٰه) ورغلائڻ جي لاءِ آيا آهن، اُسَيد بن حُضَير پنهنجو نيزو کنيو ۽ انهن وٽ پهچي ويو، ايندي ئي انهن کي بُرو ڀلو چوڻ شروع ڪيو ۽ ڌمڪي ڏنيائين تہ جيڪڏهن زندگي پياري اٿوَ تہ هتان کان هليا وڃو، حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ (انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي نهايت) نرمي ۽ مناس وارو لهجو اپنائيندي فرمايائون: ڪجهہ ويهي ڪري اسان جي ڳالهہ تہ ٻڌو، سمجهہ ۾ اچي تہ مڃي وٺجو ۽ جيڪڏهن پسند نہ اچي تہ اسان اوهان کي مجبور نہ ڪنداسين، اُسَيد بن حُضَير تي مٺي ٻول جو اثر ٿيو ۽ پنهنجو نيزو زمين تي کوڙي ان وٽ ويهي رهيو. حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان کي اسلام جي باري ۾ مدني گل پيش ڪيا ۽ قرآن شريف پڙهي ٻڌايو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه ان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ انهن اسلام قبول ڪري ورتو.

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ چيائون: منهنجي پويان سعد بن مُعاذ آهي، جيڪڏهن ان توهان ٻنهي جي ڳالهہ مڃي ورتي تہ منهنجي سڄي قوم توهان جي ڳالهہ مڃي وٺندي، مان ان کي توهان وٽ موڪليان ٿو، هي چئي پاڻ اتان کان سڌو سَعد بن مُعاذ وٽ پهتا ۽ ان کي ٻنهي مُبَلِّغن وٽ وڃڻ جي لاءِ راضي ڪري ورتو، سعد بن مُعاذ ايندي ئي ٻنهي کي بُرو ڀلو چوڻ شروع ڪيو، حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ (انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي انهن کي بہ نهايت) نرمي ۽ محبت ڀري انداز سان نيڪي جي دعوت ٻڌڻ جي لاءِ راضي ڪري ورتو، اهي بہ پنهنجو نيزو زمين تي کوڙي سندن جي ويجهو ويهي رهيا، حضرت سيِّدُنا مُصعَب بِن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بہ ان تي اسلام جي خوبين سان مالا مال مدني گل پيش ڪيا ۽ سورة الزُخرُف جون شروعاتي آيتون بہ پڙهي ٻڌايون قرآني آيتون تاثير جو تير بڻجي ان جي دل ۾ اثر ڪري ويون ۽ انهن بہ اسلام قبول ڪري ورتو، اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضرت سيِّدُنا معاذ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

پنهنجي قوم ڏانهن واپس موٽيا ۽ انهن کي فرمايائون: توهان منهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟ سڀني گڏجي چيو: اوهان اسان جا سردار آيو ۽ اوهان جي راءِ درست ۽ بلند خيال هوندي آهي، حضرت سيِّدُنا سعد بن معاذ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: ”پوءِ مون کي توهان جي مردن ۽ عورتن سان ان وقت تائين ڳالهائڻ حرام آهي جيستائين توهان الله ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان نہ آڻيو-“ راوي فرمائن ٿا: خدا جو قسم! اجان شام بہ نہ ٿي هئي جو ان قبيلي جا سڀئي مرد ۽ عورتون مسلمان ٿي چڪا هئا- (البداية والنهاية،باب بدء اسلام الانصار،٢ /٥٢٧ تا٥٢٩ملخصاً)

سارا قَبِیْلَہ اِیماں لایا میٹھے بول کی بَرَکت سے

بنتے کام بگڑ جاتے ہیں سُن لو بے جا شدَّت سے

(نیکی کی دعوت، ص٥١٥)

پيارپيارپيارپيار

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان! صحابي رسول ۽ شهيدِ اُحد حضرتِ سَيدُنا مُصعَبؓ بن عُمَير جو نيڪي جي دعوت جو انداز ڪيترو منو منو ۽ پيارو پيارو هو جو جنهن قبيلن جي وڏن وڏن سردارن کي پنهنجو عاشق بڻائي ڇڏيو هو، سردارن سختي ڪئي پر پاڻ گهبرايائون نہ بلڪ حڪمت عملي جو سهارو وٺي قرآني آيتون ٻُڌائي ٻڌائي جلد ئي انهن کي اسلام ڏانهن مائل ڪري ورتائون، سندن جي مٺن ٻولن جي برڪت سان انهن جون دليون نرم ٿي ويون، پوءِ اهي پنهنجي سڄي قبيلي سميت مسلمان ٿي ويا-

## مُبلّغ کي ڪيئن هئڻ گهرجي؟

هن واقعي مان جتي اسان کي حضرتِ سَيدُنا مُصعَبؓ بن عُمَير رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي دِين خاطر قرباني جي خبر پئي، اتي اهو اهم ترين مدني گل بہ مليو تہ نرمي، بُردباري، صبر، قوتِ برداشت، ملنساري، خوش اخلاقي ۽ جذبات تي قابو رکڻ جهڙين خوبين واري هئڻ هڪ ڪامياب مُبَلّغ جي لاءِ بيحد ضروري آهي- سختي، غُصّي ۽ بداخلاقي سان پيش اچڻ واري، اَڙي اوئي ۽ بازاري

لهجي واري، فضول ڳالهائڻ واري، دڙڪا ڏيڻ واري، مذاق مسخري ڪرڻ واري، ٺهڪ ڏئي کلڻ واري، بحث ۽ تڪرار ڪرڻ واري، پنهنجي ڳالهه تي هروڀرو اڙڻ واري، مَدَني مرڪز جي اطاعت نہ ڪرڻ واري، مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مخالفت ڪرڻ واري ۽ سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ واري مُبَلِّغہ ڪڏهن بہ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل نٿي ڪري سگهي، اهڙي مبلغہ تہ پاڻ ڪي بہ نقصان ۾ وجهندي آهي ۽ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي لاءِ بہ نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي-

ياد رکو! جيڪو ڪم **"نرمي"** سان ٿيندو آهي اهو **"گرم جوشي"** سان ناهي ٿيندو، تنهنڪري پلي ڪو ڪيترو ئي دل ڏکائي، سختي سان پيش اچي، مذاق اُڏائي ۽ ڌمڪيون ڏي تڏهن بہ مبلغہ ڪي نرمي، ملنساري، صبر، شفقت، خاموشي ۽ حڪمتِ عملي سان ئي ڪم وٺڻ گهرجي، جيئن تہ

حضرتِ سَيِدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نَقل فرمائن ٿا: ڪنهن بُزرگ پنهنجي پٽ ڪي نصيحت جو مَدَني گُل عنايت ڪندي فرمايائون: نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري ڪي گهرجي تہ پنهنجو پاڻ ڪي صَبر جو عادي بڻائي ۽ اللّٰه ڪريم جي طرفان نيڪي جي دعوت جي ملڻ واري ثواب تي يقين رکي- جنهن ڪي ثواب جو ڪامِل يقين هجي ان ڪي هن مبارَڪ ڪم ۾ تڪليف محسوس ناهي ٿيندي-(احياء العلوم،٢ /٤١٠)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قرآنِ ڪريم جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ان ڪي ٻين اسلامي ڀينرن ڪي سيکارڻ يقيناً تمام وڏي نيڪي جو ڪم آهي-جيئن حضور نبي رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين آهي:خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَه يعني توهان ۾ بهترين شخص اهو آهي جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين ڪي سيکاريو- (بخاري،ڪتاب فضائل القرآن،باب خيرڪم من تعلم القرآن وعلمه،٣ / ٤١٠،حديث: ٥٠٢٧)

اَلْحَمْدُلِلّٰه شهيدِ اُحد حضرتِ سَيِدُنا مُصْعَبْ بن عُمَير رَضِيَ اللهُ عَنْه اهي پيارا صحابي

آهن جن هن فرمانِ مُصطَفٰي تي عمل ڪندي نہ صرف پاڻ ڪي نورِ قرآن سان منور ڪيو بلڪ جَڏهن، جتي ۽ جنهن وقت بہ ضرورت پئي، پاڻ مخلوقِ خدا کي بہ فيضانِ قرآن سان فيض ياب ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي وقت جي قرباني پيش ڪيائون، ايستائين جو خدمتِ قرآن جي برڪت سان پاڻ پنهنجي زماني ۾ قاري مشهور ٿي ويا۔

## ماڻهن کي قرآن پڙهائيندڙ

حضرتِ سَيِدُنا بَراء بن عازِب رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ مکي پاڪ کان مديني شريف هجرت ڪرڻ وارن ۾ اسان وٽ سڀ کان پهريان حضرتِ سَيِدُنا مُصعَبؓ بن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ ان کان پوءِ نابين (Blind) صحابي حضرتِ سَيِدُنا عبداللّٰه بن اُمّ مڪتوم رَضِیَ اللہُ عَنْہ پهتا ۽ اهي ٻئي ماڻهن کي قرآن شريف پڙهائيندا هئا-(فيضانِ فاروقِ اعظم،ص۴۶۱)

## تبليغ دين جي لاءِ ڪوششون

حضرتِ سَيِدُنا عُروَہ بن زُبير رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ جڏهن اَنصار بَيعَتِ عَقَبہ اُولي کان پوءِ ائندي سال مَوسَمِ حج ۾ ملڻ جو واعدو ڪري پنهنجي قوم ڏانهن واپس موٽيا- تہ واپَس موٽي اُنهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّمَ ڏانهن پيغام (Message) موڪليو تہ اسان وٽ ڪنهن اهڙي شخص کي موڪليو، جيڪو ماڻهن کي قرآنِ پاڪ پڙهائي- پوءِ رسولِ انور، آمنہ جي دلبر صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ والِہٖ وَسَلَّمَ حضرتِ سَيِدُنا مُصعَبؓ بِن عُمَير رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي انهن ڏانهن موڪليائون- پاڻ قبيلہ بني غَنَم جي حضرتِ سَيِدُنا اَسعَد بن زُراره رَضِیَ اللہُ عَنْہ وٽ ترسيا ۽ ماڻهن کي قرآنِ پاڪ پڙهائڻ لڳا- ان سان گڏوگڏ ٻين ماڻهن وٽ وڃي انهن کي اسلام جي دعوت بہ ڏيندا هئا، ايستائين جو انصار جا اڪثر گهر ۽ سردار ۽ معزز ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو- پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ واپَس بارگاهِ رِسَالَت ۾ موٽي آيا- (حلية الاولياء،مصعب بن عمير الداري،۱۵۲/۱،رقم:۳۳۹) ۽ قاري جي نالي سان مشهور ٿي ويا-( معجم كبير،۳۶۴/۲۰،حديث:۸۴۹)

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے تلاوت کرنا صبح و شام میرا کام ہو جائے

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** سُبۡحٰنَ اللہ! ٻُڌو اوھان! شهيدِ اُحد حضرتِ سَيِّدُنا مُصۡعَبۡ بن عُمَير ڪيتري قدر خوش نصيب صحابي ھئا جو جن کي سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماڻهن کي قرآنِ ڪريم سيکارڻ جي لاءِ چونڊيو، توڙي جو سفر وڏو هو پر جيئن تہ حُڪمِ رسول هو، تنهنڪري پاڻ فرمانِ رسول تي لبيڪ چوندي پنهنجي سمورين مصروفيتن کي ڇڏي ماڻهن کي فيضانِ قرآن سان فيض ياب ڪيائون ايستائين جو پنهنجي زماني ۾ قاري مشهور ٿي ويا-حضرتِ سَيِّدُنا مُصۡعَبۡ بن عُمَير جي ڪردار کي سامهون رکندي اسان مان هر هڪ کي سوچڻ گهرجي تہ منهنجي اندر دِين جي خاطر قرباني ڏيڻ جو جذبو ڪيتري قدر بيدار آهي؟ غور ڪريو! اهي حضرات تہ تمام گهڻ وسائل ۽ مشڪل حالتن ۾ سفري سهولتن ۽ ٻيون ضرورتون مُيسّر نہ هئڻ باوجود بہ انتهائي ذوق ۽ شوق سان مسلمانن کي پري پري جي علائقن ۾ قرآنِ ڪريم سيکارڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا، پر افسوس! اڄ اسان ۾ هاڻي اهڙي طرح جو جوش ۽ جذبو گهڻ ٿيندي نظر اچي رهيو آهي- افسوس! صديون گذرڻ جي باوجود ڪيتريون ئي اسلامي ڀينرون اهڙيون هونديون جن کي ڏسي بہ قرآنِ ڪريم پڙهڻ نہ ايندو هوندو ، جن کي ايندو هوندو تہ تہ اَڪثَرِيت جا قواعد ۽ مخارج درست ناهن، اسان جي پنهنجي گهر، گهٽيءَ، پاڙي ۽ علائقي ۾ بہ ڪيتريون ئي اهڙيون اسلامي ڀينرون هونديون جن کي ٻيو ڪجهہ تہ گهڻو ايندو هوندو پر قرآنِ ڪريم پڙهڻ نہ ايندو هوندو- پر هاءِ! اسان کي ان تي ڪو افسوس بہ تہ ناهي ٿيندو، اسان جي اک مان لڙڪ نٿا نڪرن، اسان جي دل ناهي تڙپندي، ڪا شرمندگي ناهي ٿيندي، انهن کي قرآنِ ڪريم پڙهائڻ ۽ انهن جي اِصلاح ڪرڻ جو جذبو بيدار ناهي ٿيندو اسان وٽ انهن کي **قرآن سيکارڻ** ۽ اُنهن جي اصلاح ڪرڻ جي فُرصت ناهي-

اسان غور ڪريون تہ ڇا اسان قرآنِ ڪريم سکڻ سيکارڻ جي فضيلتن کي وساري ڇڏيو آهي؟ ڇا اسان آقاءِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن کي وساري تہ ناهي ڇڏيو؟ ڇا اسان بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جي دِين

جي لاءِ پيش ڪيل قربانين کي وساري ته ناهي ڇڏيو؟ ڇا اسان جي اندر اصلاحِ اُمّت جو درد ختم ٿي چڪو آهي؟

ڇا اسان جي اندر دينِ اسلام جي سَربلندي ۽ اسلامي ڀينرن جي خير خواهي جي لاءِ به وقت ناهي؟ ڇا اسان وٽ **مدرسة المدينه بالغات** ۾ حاضر ٿي قرآنِ ڪريم سکڻ يا اسلامي ڀينرن کي قرآنِ ڪريم سيکارڻ جي لاءِ **به وقت** ناهيَ؟ آخر اسان مدرسة المدينه بالغات کي ڪَڏهن آباد ڪنديون سين؟ اسلامي ڀينرن کي قرآنِ ڪريم ڪڏهن سيکارينديون سين؟ انهن کي نماز، وضو، غُسل ۽ پاڪيَ ناپاڪي جا احڪام ڪڏهن سيکارينديون سين ؟ انهن جي اِصلاح ڪڏهن سيکارينديون سين ؟ انهن کي سُنتون ڪڏهن سيکارينديون سين ؟ انهن کي عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ڪڏهن سيکارينديون سين ؟ انهن کي ذيلي حلقي جي 8 مَدَني ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڪڏهن سيکارينديون سين ؟

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اسان شهيدِ غزوهءِ اُحُد جي قربانين جي باري ۾ ٻُڌي رهيون هيون سين- ٻين صحابهَ ڪرامعَلَيهِمُ الرِّضْوَان به هن غزوي ۾ قُربانيون ڏنيون آهن، ياد رکو! شُهداءِ اُحد الله ڪريم جا اهي مقرب ٻانها ۽ رسولِ بي مثال، بي بي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اهي حقيقي جان نثار صحابيَ آهن، جن دينِ اسلام جي خاطر نه صرف پنهنجي قيمتي جانن جو نذرانو پيش ڪيو بلڪ الله پاڪ جي رِضا ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ پنهنجو ڪثير ۽ قيمتي مال به اسلام جي خاطر راهِ خدا ۾ پيش ڪري ڇڏيو هو، انهن جڳمڳائيندڙ تارن ۾ به روشن تارا صحابي رسول حضرتِ سَيِدُنا مُخَيرِيق ۽ حضرتِ سَيِدُنا ابو دَحدَاح انصاري به آهن- اچو! ترغيب جي لاءِ هنن ٻنهيَ حضرات جو راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ملاحظه ڪريو،

## اسلام ۾ سڀ کان پهريون وقف

هڪ تمام گهڻو علم رکڻ وارا صحابي حضرتِ سَيِدُنا مُخَيرِيق رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪوڙ جائيدادن ۽ 7 باغن جا مالڪ هئا، پاڻ وَصِيت فرمايائون ته جيڪڏهن مان

شهيد ٿي وڃان تہ منهنجو سمورو مال نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ملڪيت هوندو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪو چاهين ڪن، جڏهن رسولِ اَڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ غزوهءِ اُحد تان واپس تشريف وٺي آيا تہ انهن جائيدادن (Properties) ۽ باغن ڪي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وقف فرمائي ڇڏيو، اسلام ۾ اهو سڀ کان پهريون وقف هو-(سيرت سيد الانبيا،ص٣٢٢)

## وقف ڇا کي چئبو آهي

وقف جي تعريف اها آهي تہ ڪنهن شيءِ کي پنهنجي ملڪيت مان ڪڍي خالص الله پاڪ جي ملڪيت ۾ ڏئي ڇڏڻ، هن طرح جو ان جو فائدو ربِّ ڪريم جي ٻانهن کي ملندو رهي-

## ابو دَحدَاح انصاري جو سخاوت جو جذبو

هڪ ٻيا تمام ئي پيارا صحابي حضرت سَيدُنا ابو دَحدَاح انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه جيڪي غزوهءِ اُحُد ۾ شهادت جو عظيم شرف ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ انهن پنهنجي جان الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ قُربان ڪري ڇڏي، انهن جي مالي قرباني جو هڪ شاندار واقعو ٻڌو،

حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن اها آيت نازل ٿي

| | |
|---|---|
| مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یُقۡرِضُ اللّٰہَ قَرۡضًا حَسَنًا (پ٢، البقرة: ٢٤٥) | ترجموڪنزالايمان: آهي ڪو جيڪو الله کي قرض حسنہ ڏئي. |

تہ حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا الله پاڪ چاهي ٿو تہ اسان قرض ڏيون؟ تہ آقاءِ نامدار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: ها- اي ابو دَحدَاح(رَضِیَ اللهُ عَنْه)! حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ!، پنهنجو دستِ اقدس مون کي ڏيکاريو، حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح رَضِیَ اللهُ عَنْه مبارڪ هٿ پڪڙي عرض ڪيائون: مون پنهنجو باغ پنهنجي ربِّ ڪريم جي

بارگاھ ۾ بطورِ قرض پيش ڪري ڇڏيو- حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: انھن جي باغ ۾ 600 کجور جا وڻ ھا، اُمِّ دَحدَاح ۽ انھن جا ٻار بہ انھيء ۾ رھندا ھئا- حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح رَضِیَ اللہُ عَنْہ آيا ۽ انھن آواز ڏنو: اي اُمِّ دَحدَاح (رَضِیَ اللہُ عَنْہا)! انھن عرض ڪيو: لبيڪ مان حاضر آھيان، حضرتِ ابو دَحدَاح رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايائون: اوھان ھن باغ مان نڪري ھلو ڇوتہ مون ھن باغ کي پنھنجي ربّ ڪريم جي بارگاھ ۾ بطورِ قرض پيش ڪري ڇڏيو آھي-(شعب الايمان،باب في الزكاة،٢٤٩/٣،حديث: ٣٤٥٢)

## الله پاڪ کي قرض ڏيڻ مان ڇا مراد آھي؟

"تفسير صراطُ الجنان" ۾ لکيل آھي: راھ خدا ۾ اِخلاص سان خرچ ڪرڻ کي قرض سان تعبير فرمايو، اھو الله ڪريم جو ڪمال درجي جو لطف و ڪرم آھي ڇوتہ ٻانھو ان جو پيدا ڪيل ۽ ٻانھي جو مال ان جو ئي عطا ڪيل، حقيقي مالڪ اھو آھي، جڏھن تہ ٻانھو ان جي عطا سان مجازي مِلڪيت رکي ٿو پر قرض (Loan) قرار ڏيڻ ۾ اھا ڳالھ دل ۾ ويھارڻ مقصود آھي تہ جھڙي طرح قرض ڏيڻ وارو اطمينان رکي ٿو تہ ان جو مال ضائع نہ ٿيندو ۽ ھو ان جي واپسي جو حق دار آھي، ائين ئي راھ خدا ۾ خرچ ڪرڻ واري کي اطمينان رکڻ گھرجي تہ ھو ان خرچ ڪرڻ جو بدلو يقيناً ماٽيندو ۽ اھو بہ معمولي نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ملندو- ست سو (700) ڀيرا وڌيڪ بہ ٿي سگھي ٿو ۽ ان کان لکين ڀيرا وڌيڪ بہ. (صراط الجنان،٣٦٥/١)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!      صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻُڌو اوھان! شھيدِ اُحد حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہ راھ خدا ۾ خرچ جي معاملي ۾ ڪيتري قدر زبردست مَدَني ذھن جا مالڪ ھئا، ٿورو سوچيو! ڪنھن وٽ ھڪ اھڙو خوبصورت باغ موجود ھجي، جنھن ۾ عُمده قسم جي کجورن جا 600 وڻ لڳل ھجن، تہ ڪنھن جي دل چاھيندي تہ ان باغ کي پنھنجي ملڪيت مان خارج ڪري ڪنھن کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيان يا سڄو باغ ئي راھ خدا ۾ پيش ڪري ڇڏيان، پر قربان

وججي! شهيدِ اُحد حضرتِ سَيدُنا ابو دَحدَاح انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه تي! جڏهن پاڻ ٻڌو ته ربّ ڪائنات کي اها ڳالهه پسند آهي ته ان جا ٻانها ان جي راهه ۾ خرچ ڪن ته پاڻ دِل کولي راهه خدا ۾ خرچ ڪيائون، جڏهن ته اسان جو معاملو ان جي اُبتڙ آهي- افسوس! اسان جي سوچ اها بڻجي چڪي آهي ته جيڪڏهن مون راهه خدا ۾ خرچ ڪيو ته منهنجو گذارو ڪيئن ٿيندو؟ ڪٿان ڪائيندَس؟ منهنجا ٻار بکايل رهجي ويندا، منهنجو مال گهٽ ٿي ويندو، مون کي ته ذاتي گهر به ناهرائڻو آهي، مون کي ته ٻارن ٻارڙين جون شاديون به ڪرائڻيون آهن، مون کي ته فُلاڻي فُلاڻي شيء جي لاءِ رقم به گڏ ڪرڻي آهي، منهنجون ته ڪيتريون ئي مجبوريون به آهن وغيره وغيره- اسان جو ته هن ڳالهه ته پورو پورو ڀروسو هئڻ گهرجي ته راهه خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ سان گهٽ ناهي ٿيندو بلڪ ويتر وڌي ويندو آهي، اسان کي ربّ ڪريم جي رضا طلب ڪرڻ گهرجي، اسان کي ثوابِ آخرت جو حرص رکڻ گهرِجي، اسان کي قناعت جي عُمده دولت سان مالا مال هئڻ گهرجي، اسان جي دل دنيا ۽ مالِ دنيا جي مَحَبَّت ۽ لالچ کان پاڪ و صاف هئڻ گهرجي.

## الله پاڪ جي رضا وارا ڪم

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن جي نقشِ قدم تي هلندي اسان کي به دِين جي خاطر پنهنجو مال خرچ ڪرڻ، دِين جي خاطر وقت ڏيڻ ۽ الله ڪريم کي راضي ڪرڻ وارا ڪم ڪرڻ گهرجن- عام طور اڄڪلهه ماڻهن ۾ دنيا ۽ دنيوي مال کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ جو جذبو ته نظر ايندو آهي پر هاءِ! دِين جي خاطر مال ۽ وقت جي قرباني ڏيڻ جو جذبو هاڻي ختم ٿيندو پيو وڃي- اڪثر اسان جو مال ۽ وقت بيڪار فضوليات ۾ برباد ٿي رهيا آهن- اسان شناختي ڪارڊ بنائڻ جي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لائنن ۾ لڳڻ لاءِ تيار ٿي ويندِيون آهيون پر نماز پڙهڻ جي لاءِ پنهنجي ڪم ڪار جي قرباني ڏيڻ اسان کي پسند ناهي، جڏهن ته نماز پڙهڻ **الله ڪريم جي رِضا جو سبب آهي**، اسان عشقِ رسول جي دعويٰ ته ڪنديون آهيون پر آقا ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن تي عمل نٿيون ڪيون، اسان پنهنجي گهرن کي صاف ستِرو رکڻ ۽ پنهنجي گهر

جي چمڪ ڏَمڪ برقرار رکڻ لاءِ ڪوڙ سارو پيسو خرچ ڪنديون آهيون، پر راهِ خدا ۾ پنهنجي حيثيت مطابق چندو ناهيون ڏينديون جڏهن تہ نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪرڻ **الله ڪريم جي رضا جو سبب آهي**، پنهنجي ٻارن کي ڊاڪٽر، سرجن، انجنيئر، سائنس دان، ليڪچرار، پائلٽ، پروفيسر ۽ ڪمپيوٽر پروگرامر بنائڻ جي لاءِ تہ هر ڪو ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر دِين جي لاءِ قرباني ڏئي انهن کي عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت قائم مدرسن ۽ جامعات ۾ تعليم ڏيارڻ جو ذهن تمام گهٽ آهي، جڏهن تہ عالمِ دين بنائڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائڻ **الله ڪريم جي رضا جو سبب آهي**- تنهنڪري پنهنجي ٻارن ۽ ٻارڙين کي جامعة المدينہ للبنين ۽ جامعة المدينہ للبنات ۾ داخل ڪرايو ۽ علمِ دين جي روشني ڦهلائڻ ۾ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علم سکڻ جا مدني گل

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي عِلْم سکڻ وارن جي باري ۾ ڪجهہ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿيون- پهريان 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو: (1)فرمايائون: جيڪو عِلم جي ڳولها جي لاءِ ڪنهن راهہ تي هلي الله پاڪ ان جي لاءِ جنت جي راهہ آسان ڪندو آهي-[1] (2) فرمايائون: علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي-(اِبن ماجه، ۱۴۶/۱،حديث:۲۲۴)★ هن حديثِ پاڪ مان اسڪول ڪالج جي مُرَوَّجہ دُنيوي تعليم مراد ناهي بلڪ ضَروري دِيني عِلم مُراد آهي- (نيڪي جي دعوت، ص۱۳٦) ★ عِلم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سُوال ڪرڻ يقيناً فضيلت جو سبب آهي پر سُوال ڪرڻ جي آداب جو لحاظ ڪرڻ بہ ضروري آهي-(فيضان داتا علي هجويري،ص۱۳)★

---

1 ... مسلم،ڪتاب الذڪر والدعاء،باب فضل الاجتماع على تلاوة القرآن وعلى الذڪر،ص۱۱۱۰،حديث:٦٨٥٣

عِلم خزانو آهي ۽ سُوال ڪرڻ ان جي چابي آهي- (فردوس الاخبار، ۸۰/۲،حديث:۴۰۱۱) ★ عِلُم سکڻ جي لاءِ سوال پڇا ڪرڻ کان شرمائڻ نہ گهرجي- (اعرابي کے سوالات اور عربي آقا کے جوابات، ص۸) ★ اهڙا سُوال ڪرڻ کان بہ بچيو وجي جنهن جو دنياوي يا اُخروي فائدو نہ هجي- (اعرابي کے سوالات اور عربي آقا کے جوابات،ص۹)★

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں ۽آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَ الله! آئنده جمعرات ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنَّتن ڀري اجتماع ۾ اسان جنهن موضوع تي بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين، ان جو نالو آهي "اعليٰ حضرت جو عِلم وعَمل"چوتہ 10شَوَّالُ الْمُکَرَّم اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله عَلَيْه جو يومِ وِلادت آهي، اعليٰ حضرت جو علمي مقام ڇا هو ۽ سندن علمي خدمتون ڪهڙيون هيون، اهڙي طرح فتاويٰ رضويہ جو تعارف ۽ ان جون خصوصيتون بہ بيان ٿينديون، ان جي علاوه بہ ٻيا ڪوڙ اهم مدني گل بيان ٿيندا، لهٰذا! آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ڀين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي چئو:اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد